# PARAS
## Stories for children

# پارس آکاڙيون

info@SindhiSangat.com

Printed by Sri Hiranand Karamchand at the Hindusta
Printing Works, Kemball Rad, Karachi,
and published by Mellaram Mangatram Vaswani,
at the Sunder Sahitya Office, Kemball Road, Karachi

# آکاڻين جي فھرست


| آکاڻي | صفحو |
|---|---|
| ١- وديا ۽ انڌرس | ١ |
| ٢- غريبيءَ جي اُشالي | ٥ |
| ٣- ٻه ڪوڙا | ٩ |
| ٤- صوفن جي چوري | ١٧ |
| ٥- ڪاڪو ڪنجوس | ٢٣ |
| ٦- مورکہ ڪوري | ٢٨ |



Printed by Sri Hiranand Karamchand at the Hindusta
Printing Works, Kemball Rad, Karachi,
and published by Mellaram Mangatram Vaswani,
at the Sunder Sahitya Office, Kemball Road, Karachi

# ٻارس

## وديا ۽ نٽ

هڪڙو هو جادوگر. هئو سو ذات جو چمار، پر خوب جادوءَ جا کيل ڏيکاريندو هو. سندس کيل ڏسڻ لاءِ گهڻا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا هئا. تاس جا پتا ڪارن مان ڳاڙها ۽ ڳاڙهن مان نيرا ۽ وڏن مان ننڍا ڪندو هو. ماڻهو هنجا کيل ڏسي کيس وڏا وڏا انعام ڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن جادوگر پنهنجي جادوءَ جي زور سان راجا جي باغ مان ڪجهه ميوا چورايا. هن ماڻهن کي خوب ديؤ ڪرايو. هوڏانهن باغ جي مالهيءَ راجا وٽ وڃي دانهن ڏني ته ڪوئي وڏن مان انب چورائي ٿو وڃي پر اسين کيس پڪڙي نٿا سگهون. راجا کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. کيس اُهو باغ ڏاڍو پيارو هو. هن باغيچي جي چئني

طرف سخت پهرو بهاريو. پر ميوا وري ٻه
چو رائڃي ويا. هاڻي راجا باغ جي هرهڪ وڻ
هيٺان هڪڙو سپاهي پهري لاءِ رکيو.

هڪڙي سپاهيءَ ڏٺو ته هڪڙو انب جو ڇڳو
آڪاس ۾ اُڏامي گم ٿي ويو. هڪ، ٻه، چار ......
اهڙيءَ طرح ڪيترا انب اُڏامندا ويا. ويچاري
سپاهيءَ ٻ وڏي راجا کي هيءُ سماچار سڻايو. راجا
چور جي پٺي لهڻ لاءِ ڪيترا جاسوس موڪليا.
جن نيٺ اُن جادوگر کي وڃي پڪڙيو.

جادوگر جڏهن راجا جي سامهون آندو ويو،
تڏهن هن پنهنجو ڏوهه باسيو. سندس ڏوهه
تي راجا ويچار ڪري چيو "هيءُ تمام خوفناڪ
چور آهي. جهڙو تهڙو چور ته جهٽ پڪڙجي
پوندو آهي پر هنکي پڪڙڻ محال هو. اهڙي
چور کي ڦاسيءِ ڏيڻ گهرجي."

وزير هو سياڻو، تنهن چيو "مهاراج! جڏهن
هنکي ڦاسيءَ جي سزا ملڻي آهي ته سندس ودیا
سکي پوءِ کيس ڦاسي ڏيو، نه ته هنجي مرڻ کان

پوءِ اِها ودیا به ناس ٿــي ويندي، سندس ودیا ڏاڍي ڪمائتي آهي.

راجا کي وزيرجي ڳالهه وڻي. هن جادوگر کي وديا سيکارڻ لاءِ چيو. جادوگر تيار ٿيو ۽ راجا کي سيکارڻ لڳو. پر هزارن ڪوششن کان پوءِ به راجا وديا سکي نه سگهيو. هن وزيرکان اُنهيءَ جو سبب پڇيو.

وزيرنمرتا سان جواب ڏنو "مهاراج! جادوگر هيٺ بيٺو آهي ۽ توهين مٿي تخت تي ويٺا آهيو. اِنهيءَ ڪري توهين وديا نه سکي سگهندا. جادوگر کي مٿي وهاري توهين هيٺ بيهو ۽ نئڙت سان هنڪان وديا وٺو ته توهين جهٽ وديا سکي سگهندا."

راجا چيو "مان راجا آهيان سو هــن چماڙ کان هيٺ ڪئن وهندس."

وزيرجواب ڏنو "مهاراج! وڏائي ۽ وديا هڪ هنڌ رهي نه سگهنديون. جيڪڏهن توهان کي وديا سکڻي آهي ته اوهان کي نماڻو بڻجڻو پوندو."

راجا هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ويو. هوُ

هيٺ ٿي بيٺو ۽ جادوگر تخت تي ويٺو. جادوگر وري راجا کي سيکارڻ لڳو. سڄ پڇ هن دفعي راجا سڄي وديا سکي ويو.

هاڻي جادوگر راجا جو گرو بڻجي چڪو. راجا پلا پنهنجي گروءَ کي ڪاسي ڪئن ڏئي؟ پوءِ ته راجا جادوگر کي عمدا ڪپڙا ۽ خوب انعام ڏيئي روانو ڪيو.

# غريبيءَ جي نشاني

ڪنهن سمي هڪڙو راجا راڄ ڪندو هو. سندس رعيت هر طرح سکي ۽ آسودي هوندي هئي. راجا تمام دياوان هوندو هو. پر سڀ ڪجهه هوندي به، هو تمام دکي گذاريندو هو؛ ڇاڪاڻ ته کيس اولاد ٿيندو ئي ڪونه هو. راڻي به اِنهيءَ سبب ڪري دکي گذاريندي هئي.

راجا کي شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هو پنهنجو دک هلڪو ڪرڻ لاءِ شڪار ڪرڻ ويندو هو.

هڪ دفعي جڏهن هو شڪار تان ٿي موٽيو ته هن رستي ۾ هڪ وڻ جي هيٺان آرام ڪرڻ لاءِ ليٽي پيو. اُنوقت هو تمام ٿڪل هو. پريان ڪنهن جي مرليءَ جو آواز راجا جي ڪنن تي پيو. راجا ان طرف ريو، جتان اهو مٺڙو آلاپ اچي رهيو هو. راجا ڏٺو ته هڪڙي وڻ تي هڪڙو ٻالڪ ويهي مرلي وڄائي رهيو هو. هيٺ ڳانئيون چري رهيون هيون. مرليءَ جي مٺي آواز سان سارو جهنگل گونججي رهيو هو.

راجا ٻالڪ کي پاڻوت سڏ ڪيو ۽ چوڻ لڳو ٻچا، تون مونسان گڏجي هل ته مان توکي عمدا ڪپڙا ڏيندس، سٺا سٺا رانديڪا ڏيندس ۽ پنهنجي راجمحل ۾ رهائيندس."

ٻالڪ جهٽ قبول ڪيو. راجا سندس نالو رکيو "دلجيت". جڏهن راجا محلات ۾ پهتو ته اُن ٻالڪ کي ڏسي ماڻهن کي ڏاڍو عجب لڳو. ٻالڪ جا ڪپڙا بدلايا ويا. راڻي به ٻالڪ کي ڏسي بيحد خوش ٿي. هوءَ دلجيت کي پٽ وانگر پيار ڪرڻ لڳي. هاڻي دلجيت پڙهڻ ۽ لکڻ سکڻ لڳو. هنجو عقل تمام تيز هو جيڪي سکندو هو سو جهٽ ياد ڪندو هو.

ٿورن ڏينهن کانپوءِ راجا کي هڪڙو پٽ جائو. راجڌانيءَ ۾ خوشيون ملهايون ويون.

دلجيت ننڍو ٿي وڏو ٿيو. راجا کيس پنهنجو سيناپتي بڻايو. دلجيت ۾ ايترو اعتبار هوس جو خزاني جون چابيون به سندس حوالي ڪري ڇڏيائين.

اهڙيءَ طرح ڏهه سال گذري ويا. دلجيت ڪيترين وڏين وڏين لڙاين ۾ سوڀ پاتي. هن ڏاڍو نالو ڪڍيو. هو پنهنجو فرض چڱيءَ طرح

محسوس ڪندو هو ۽ پورو ڪندو هو. ڪيترا آدمي سندس دشمن به بڻجي پيا هئا.

راجا جي مرڻ کانپوءِ سندس پٽ تخت تي ويٺو. ماڌو سندس کي پرڻ لڳا ته سڄو ڳوٺ دلجيت جي ظلمن ڪري دکي آهي. جيڪڏهن هن طرح بي انصافي ٿيندي رهندي ته غضب ٿي ويندو. انڪانسواءِ هن خزاني مان ڪيترو ناڻو چورايو آهي.

نئين راجا کي ويساهه ڪونه آيو، هو پاڻ ويس بدلائي ڳوٺ ۾ ويو ۽ ماڻهن کان سيناپتيءَ جي باري ۾ پڇا ڪئي. سڀني چيو "هو ته پورو ديوتا آهي. سدائين پيو اسانجي سنڀال لهي."

راجا کي پڪ ٿي ته ماڌو دلجيت جي ڪوڙي ڳالهه ڪن ٿا.

هڪ ڏينهن راجا چيس "دلجيت تون خزاني جو حساب ٺيڪ ڪر. مان چئن ڏينهن کان پوءِ جاچ ڪندس."

دلجيت چيو "مهاراج! هيءَ چابيون وٺو ۽ جڏهن وڻيو تڏهن جاچ ڪجو. منهنجو حساب سدائين پورو آهي.

راجا جاچ ڪئي. پائيءَ پائيءَ جو حساب ٺيڪ

هو. راجا تمام خوش ٿيو ۽ سندس اعتقاد هيڪاري وڌيو.

هڪ ڏينهن نئين راجا چيس "سيناپتي، مان تنهنجي گهر هلندس."

"خوشيءَ سان مهاراج!" دلجيت چيو.

راجا دلجيت جي گهر ويو. اتي سندس ڏاڍو آدرڀاءُ ٿيو. موٽڻ وقت هن ڏٺو ته هڪ پراڻي ۽ سادي مرلي پٽ تي ٽنگي پيئي هئي. ۽ اُن پرسان هڪ ڦاٽل چادر ٻه. راجا پڇيو "هن جو مطلب؟"

دلجيت چيو "مهاراج! اِهي ٻه شيون ٻالپڻ جي چادر ۽ مرلي آهن. اِنهن نشانين کي ڏسي مونکي پنهنجي غريباڻي جيون ياد ايندي آهي. وڏو درجو ملڻ ڪري ماڻهوءَ کي وڏائي ٿيندي آهي ۽ اُن جي مستيءَ ۾ هو پاپ ڪندو آهي. هيءَ مرلي ۽ چادر مونکي ياد ڏياريندي آهن ته مان اصل غريب هوس. اهي مونکي پاپ کان بچائينديون آهن. جيستائين مان جيئرو هوندس تيستائين اِهي ٻه ساڻ هوندم."

راجا دلجيت جي ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس وڏو وزير مقرر ڪيائين.

———

# ٻ- ڪوڙا

لاڙڪاڻي طرف هڪ ڳوٺ ۾ حشو نالي هڪ ڪوڙو آدمي رهندو هو. هُو هميشه ڪوڙ ڳالهائيندو هو. ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پاڻ کي سڀني کان سرس سمجهندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي واه جي ڪناري تي پيو گهميو. ڏٺائين ته هڪڙو ماڻهو هڪٽڪ پاڻيءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي. اُن ماڻهوءَ مٿان پنهنجي ڪوڙ جو روب ڄمائڻ لاءِ حشوءَ پڇيس "پائي، تو ڪڏهن پٿر ترندو ڏٺو آهي؟" هن آدميءَ چيو "ها، ها، ڏٺو اٿم؟ اڃا هينئر هڪڙو پٿر هن هنڌ تري رهيو هو."

"نالو ڇا اٿيئي؟"

"گشو."

حشوءَ چيس "پائي گشو، پوءِ پٿر ڪيڏانهن

ويو؟" اُنتي گشوءَ جواب ڏنو، "ٽرندي ٽرندي وڃي اُڏاميوءِ آڪاس ۾ غائب ٿي ويو."

حشوءَ جو عقل چرخ ٿي ويو. هن ڏٺو ته گشو ته منهنجا به ٺوڪن ڪپي. ساڻس جيڪڏهن دوستي ڳنڍي جي ته سٺو ڪم ٿيندو. ڪيترو ئي وقت پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا رهيا. آخر اهو فيصلو ٿيو ته ٻئي ڪوڙا هڪ ٻئي جي مدد ڪري روپيا ڪمائين.

حشوءَ چيو گشوءَ کي "ٿورو پريان هڪڙو وڏو زميندار رهندو آهي. مان اُتي وڃي هڪڙو وڏو ڪوڙ ڳالهائيندس. تون اچي منهنجي ڳالهه جي پٺڀرائي ڪج."

اڳيرو هلي گشو ٽرسي پيوءِ حشو زميندار وٽ پهتو. زميندار ڪڙمين سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو. حشوءَ سلام ڪري چيو "زميندار صاحب جو اقبال بلند، سر جو خير! اُڃ سبب مري رهيو آهيان. مهرباني ڪري هڪڙو لوٽو شربت جو پيار يو."

زميندار چيو "اِهو بلڪل ناممڪن آهي. هن دفع برسات نہ پيئي انڪري ڪمند ٿيو ئي ڪونهي. جڏهن ڪمند ئي نہ ٿيو، تہ پوءِ ڪنڊ ڪٿان اچي؟ اُنڪري شربت پيــاري نـٿو سگهجي."

حشوءَ جواب ڏنو "زميندار صاحب! اِها تہ توهين وڏي عجب جي ڳالهہ ٻڌائي رهيا آهيو. توهين ٿا چئو تہ توهان وٽ ڪمند ئي ڪونہ ٿيو آهي ۽ مان هنئر ٿورو پريان ٿو اچان جتي تي ٽي سؤ هڪ ٻگهو ڪمند پوکيل هو."

زميندار چيو ڀائي! ڇو ٿو ڪوڙ ڳالهائين؟ ڪڏهن ٽي ٽي سؤ هڪ ٻگهو ڪمند بہ ٿيو آهي."

حشوءَ چيو "جناب عالي! مان ڪوڙو ثابت ٿيان تہ جيڪا سزا وٺيو سا ڏجو، توهين پنهنجو ماڻهو موڪلي جاچ ڪرايو."

زميندار چيو "چڱو مان جاچ لاءِ پنهنجو ٻيلي ٿو موڪليان. جيڪڏهن تنهنجي ڳالهہ سچي

نڪتي ته مان توکي ٽي سؤ روپيه انعام ڏيندس ۽ ڪوڙي نڪتي، ته توکان ٽي سؤ روپيه ورتا ويندا."

زميندار جو ماڻهو سڀ ۽ ڪوڙ جي جاچ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. گنشو اڳيئي تيار بيٺو هو. بيليءَ انکان پڇيو "ڪيئن ڀائي! ڪٿان پيو اچين؟" گنشوءَ جواب ڏنو "مان اُتان ٿو اچان، جيڏانهن تون وڃين رهيو آهين."

بيليءَ چيو "ڀائي چڱو ٿيو جو گڏ ٿياسين. هينئر مان اڳتي ڇو وڃان؟ تون مونکان پنج ڏهه روپيه وٺ ۽ ٻڌاءِ ته ڇا سچ پچ تنهنجي ملڪ ۾ ٽي سؤ هٿ ڊگهو ڪمند ٿيندو آهي؟"

گنشوءَ جواب ڏنو "ادا ڪوڙ ڇو ڳالهايان؟ مون ڪڏهن ڪمند جي ماپ ته نه ڪئي آهي. ها ايتري ضرور خبر اٿم ته ٽي ماڻهو ٽي ڏينهن برابر ڪهاڙيءَ سان وڍيندا رهيا تڏهن مس مس ڪمند جي هڪ لٺ وڍي سگهيا."

بيليءَ گنشوءَ کي ڏهه روپيه ڏيئي چيو "مهرباني

ڪري اهو سڄو حال اسانجي زميندار صاحب
کي هلي ٻڌاءِ. مان ٻ ورڻ ۾ ڪڻ کان ٻچي
پوندس."

گشوءَ روپيه کيسي ۾ وڌاءِ اوطاق ڏي آيو. اُتي
پهچي ٻيليءَ چيو "حاڪم، مان وچي پوري جاچ
ڪري آيو آهيان. نه رڳو ايترو بلڪ شاهديءَ ۾
اُتي جو هڪڙو ماڻهو به وٺي آيو آهيان."

زميندار هنڪان پڇيو "ڪيئن ڀائي! ڇا
تنهنجي ملڪ ۾ تي سؤ هٿ ڊگهو ڪمند ٿيندو
آهي؟"

گشوءَ جواب ڏنو "حضور. مون اڄ تائين
ڪوڙ نه ڳالهايو آهي پوءِ توهان جي اڳيان ڪيئن
تو ڳالهائي سگهان. مان رهندو ته اُتي ڪونه
آهيان پر شهر جو رهاڪو آهيان. ڳوٺن جون
ڳالهيون ڪيئن ڄاڻندس. مون ته اُهو ڪمند
اکين سان به نه ڏٺو آهي. ها باقي منهنجو
نوڪر چوندو آهي ته سندس ڀاءُ ٽن ڏينهن ۾

ڪمند جي هڪ اڻ وڻي سگهندو آهي،

زميندار تي سؤ روپيه ٻڌي ڏنا. حشوءَ گشو خوش ٿيندا روانا ٿيا، اڳتي وڌيا ته هڪ ٻئي زميندار جي حد ۾ آيا. حشو وري به ساڳي رٿ رٿي اوطاق ۾ پهتو. اُتي به زميندار محفل لڳائي ويٺو هو. حشوءَ هٿ جوڙي چيو "حضور توهان جي خيرات جي گهڻي هاڪ ٻڌي اٿم. اڄ مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي. هڪڙو گوبيءَ جو گل ڏيو ته ڀاڄي رڌي ناهيان جنهن مان پيٽ ڀرجي ويندو. روٽيءَ جو بندوبست ٿي ويو آهي."

زميندار چيو "ڀائي، گوبيءَ جي گل جو نالو به نه وٺج. هن سال فصل ۾ هڪڙو اهڙو ڪيڙو پيو جو ساڳيءَ ڀاڄي سڀ سڙي ويا."

حشوءَ چيو "حضور! ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ توهانجي پاڙيسري زميندار جي ٻنين ۾ ايڏا ته وڏا گل ٿيا آهن جهڙا پپر جا وڻ. زميندار کي اعتبار نه آيو. آخرڪار چئن سو ن روپين جي شرط لڳيءَ ۽ ٻيلي جاچ لاءِ روانو ڪيو ويو. رستي

۾ وري گشو گڏيس. ٻيائي پاڻ سان گڏ کيس ٻه وٺي آيو.

زميندار پڇيو "ڪيئن ڀائي! تنهنجي ملڪ ۾ گوٻيءَ جا گل پيرجي وڻ جيڏا ٿيندا آهن ڇا؟" گشوءَ چيو "جئندا قبلا! مون ماپ ته ڪئي ڪانه آهي پر ڪلهه ئي هڪڙو گل ڇهن ٻيل گاڏين ۾ لڏجي بازار ۾ آيو هو." هن زميندار ٻه چار سؤ روپيه ڳڻي ڏنا. حشوءِ گشو روپيه ڪڍي وچي ٻنيءَ جي پاسي ۾ سڙڪ تي ويهي ووهائڻ لڳا.

سج لٿي جي مهل هئي. اتفاق سان اُتان چورن جي ٽولي ٿي لنگهي، جن هڪيو ٽڪيو شڪار ڏسي سندن روپيه ته ڦريا پر سندن ڪپڙا به لاهي ورتا. ڪين رڳي گوڏ هيٺ ڪرڻ لاءِ ڏنائون. هاڻي ڪوڙن ويچاريو ته ڏٺي اسان کي ڪوڙ جي سزا ڏني آهي جو جيڪي ڪوڙ رستي ڪمايو سون، سو ته ويو ٻالڪ ڪپڙا به ويا. مار به ملي عزت به ويئي. شرمندا ٿي لڪندا

لڪندا پنهنجي گهر پهتا ۽ آئينده ڪوڙ ڪان لنو ٻڌهه ڪيائون. اُن بعد محنت مزوري ڪري پيٽ پالڻ لڳا. حق حلال جي ڪمائيءَ سان، سادو مگر سکيو گذران ڪرڻ لڳا.

---

# صوفن جي چوري

ماڌوءَ نالي هڪڙو نينگر هو. سندس پيءُ کي هڪ باغ هو، جنهن ۾ صوفن جا وڻ جام هئا. پر ماڌوءَ جي ماءُ کيس صوف چنڻ کونه ڏيندي هئي. هوءَ پڪا پڪا صوف پٽي بازار ۾ وڪڻندي هئي. گهڻيءَ ڪٿ پٽ کانپوءِ هوءَ مس مس هڪ صوف ماڌوءَ کي کائڻ لاءِ ڏيندي هئي.

هڪ ڏينهن جڏهن ماڌوءَ اسڪول مان موٽي رهيو هو تڏهن کيس ڪشن ۽ موهن گڏيا. هو ٻئي ماڌوءَ جا گهرا دوست هئا. ڪشن ماڌوءَ کي چيو ”دوست، تنهنجي پيءُ جي باغ ۾ صوفن جا انيڪ وڻ آهن. اسانکي به صوف کاراءِ.“

ماڌوءَ جواب ڏنو ”ڀائي! ڇا ڪريان امان مون کي صوف چنڻ ئي نٿي ڏئي.“

موهن چيس ”هل ته لڪي باغ ۾ هلون ۽ صوف چني کائون.“

ڪشن چيو ”اڙي، ائين وري ڪئن ٿيندو؟

ڪيرڳسي ونيءَ کي ڏاڍي مار ماريندي."

آخر ماڻڪ چيو "چڱو، منجهند جي وقت جڏهن اما سمهي پوندي تڏهن مان توهان کي سڏ ڪندس. هاڻي گهر وڃو."

منجهند جي وقت ماڻڪ پنهنجي سنگتين کي ساڻ ڪري باغ ۾ گهڙيو. ٿوري وقت ۾ تنهي جڻن صوفن جو پير لڳائي ڇڏيو. هاڻي هو کائڻ لڳا ۽ نچڻ لڳا.

ايتري ۾ ماڻڪ جي ماءُ جاڳي پيئي ۽ دريءَ کولي ٻاهر آئي. صوفن جو ڍير ڏسي هوءَ تنهي ڇڻيان پيئي. ٻيڙيءَ کي ڏسي ٽيئي اُٿي پيا ۽ هڪ پيپ ۾ لڪي ويهي رهيا. ٻيڙيءَ کين گهڻوئي ڳوليو پر سڀ اجايو. آخر هوءَ ٻڪ ٻڪ ڪندي وڃي سمهي پيئي. جڏهن کيس ننڊ اچي ويئي ۽ هوءَ کونگهرا هڻڻ لڳي تڏهن ٽيئي صوفن کائڻ لاءِ پيپ مان ٻاهر نڪتا.

ڪشن آڪڙ مان چيو "ڏٺئه يار ڪئين نه پاڻ بچايوسين؟"

موهن ڪاوڙجي چيو "اڙي هل هل، اٽڪل نه مون ٻڌائي هان، نه ته موچڙا به خوب کائو ها."

ائين چئي ٽيئي بي فڪر ٿي صوف کائڻ لڳا.

ٻڍڙي کہ سڀ ڪجھہ ويني ٻڌو چاڪاڻ تہ ننڍ
جو هن فقط مڪر ڪيو هو. هاڻي هوءَ لٺ کڻي اچي
وٽن پهتي. ٻڍڙيءَ کي ڏسي ڪشن ڀڄڻ لڳو.
ٻڍڙيءَ واڪو ڪري چيو "خبردار! ڀڄندين تہ
لٺ سان مغز ڦاڙي ڇڏينديسانءِ."



ويچارو ڪشن ڏڪي ويو. ٻي ڪا واھ نہ ڏسي روئڻ جو ڍونگ ڪري چوڻ لڳو "ڏاڏي، ڏاڏي، مون صوف ڪونہ پٽيا آھن. ماڌوُ مونکي ھٿي وٺي آيو آھي."

ٻيڙي ڪيس زور سان چماٽ ھڻي چيو "ھڪ تہ چوري ڪيئہ، وري ڪوڙ ٿو ڳالھائين، بدمعاش ڪٿي جو."

ٻيڙيءَ جي شڪل ڏسي ماڌوءَ ۽ موھن ٿر ٿر ڪنبڻ لڳا. آخر ماڌوءَ ھمت ٻڌي ماءُ کي چيو "اَما، مون صوف اصل ڪونہ پٽيا آھن. ھنن ٻنھي رستي ۾ مونکي چيو تہ اسانکي صوف ڪاراءِ نہ تہ توکي مار ڏينداسين."

ماڌوءَ جي ڳالھہ ٻڌي ٻيڙي ڪاوڙجي چيو "ھان! مونکي پنيلائڻ ٿو چاھين. چڱو وٽ تہ توکي بہ مزو چکايان." ائين چئي ماڌوءَ کي خوب لت سان مارڻ لڳي. ماڌوءَ مار کائي اُٿي ڀڳو.

ٻيڙي پوءِ موھن کي چيو "بدمعاش! ھاڻ تنھنجو وارو آھي."

موهن ٻڍڙيءَ جي پيرن تي هٿ رکي چيو
”آما! مان هنن جي چوڻ تي لڳس. اڳتي
ڪڏهن به انهن جي ڳالهه ڪونه مڃيندس. هيءَ
دفعو خطا ٿي. مونکي معاف ڪر.“



ٻڍڙيءَ لٺ ڦٽي ڪري چيو "وڃ. سچ چوڻ جي ڪري لا کي ڇڏي ٿي ڏيان. پر جيڪڏهن وري اهڙو ڪم ڪيو اٿئي ته اهڙي مار ڏينديسانءِ جو ساري عمر ياد ڪندين." ائين چئي ٻڍڙي کيس ڇڏي ڏنو ۽ صوف ڪڻي اندر هلي وئي.

اصل رچيندڙ
آتمارام ديوڪر

## ڪاڪو ڪنجوس

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ ڪاڪو مرچوُ مل پنهنجن دوستن سان شرط لڳائي ناريل جي وڻ تي چڙهي ويو. ناريل جو وڻ بلڪل ڊگهو ۽ لسو ٿيندو آهي. ڪاڪو مرچوُ مل وڻ تي چڙهي تہ ويو پر جڏهن وڻ جي چوٽيءَ تي پهچي هيٺ نهاريائين تہ مغز ڦري ويس.

آفت جي وقت انسان ايشور کي ياد ڪندو آهي ڪاڪو مرچو مل بہ رام نام جپڻ لڳو. دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن سلامتيءَ سان هيٺ پهتس تہ سؤ برهمڻن کي پوڄن ڪارائيندس.

هاڻي ڪاڪو مرچو مل آهستي آهستي هيٺ لهڻ لڳو. جڏهن اڌ تائين پهتو تڏهن چوڻ لڳو "سؤ نہ، تہ پنجاهہ برهمڻن کي پوڄن ڪرائيندس."
جڏهن اڃا بہ ٿورو هيٺ لٿو تڏهن چوڻ لڳو "پنجاهہ جي ڪهڙي ضرورت آهي، ڏهن برهمڻن کي ئي کڏي ڪارائيندس." جڏهن زمين کان ٿورو

مٿي پهتو ته چياءِ، ”نکو، پنهنجن کي کارائيندس.“
مطلب ته جڏهن هيٺ پهتو تڏهن دل ۾ پڪو
خيال ڪيائين ته بس رڳو هڪڙي ئي برهمڻ کي
پوڄن کارائيندس.

گهر پهچي مرچومل سربستي ڳالهه پنهنجي
استريءَ کي ٻڌائي ۽ پاڻ برهمڻ ديوتا جي ڳولا ۾
نڪتو. ڪيترن برهمڻن وٽ وڃي هن پڇيو،
”توهين هڪ ويلي ته ڪيترو کائيندا آهيو.“
برهمڻن ويچارن کي ڪهڙي خبر ته هي ڪو پوڄن
کارائڻ لاءِ آيو آهي. ڪنهن چيو ته مان اڌ سير
کائيندو آهيان، ڪنهن چيو منو سير ته ڪنهن
وري سير به چيو.

هڪڙو برهمڻ ڏاڍو چالاڪ هو. هو مرچومل
جو مطلب سمجهي ويو ۽ چوڻ لڳو ”مان ته اڌ
پاءُ به مس کائي سگهندو آهيان. سو به ڪنهن مهل
وٺي، ڪنهن مهل نه وٺي.“

مرچومل هڪدم چيو ”چڱو مهراج! اڄ مونوٽ
پوڄن کائڻ اچجو.“

برهمڻ چيو ”مان ڪنهنجي به گهر وڃي پوڄن
کين کندو آهيان. پرهاڻي توهين شرڌالو ٿا

ڏسجوان ڪري توهان وٽ ڪڏهن پير گهمائيندس."

مرچومل هٿ جوڙي چيو "مهراج! بس اسان
تي اها ڪرپا ڪجو."

گهر اچي مرچومل پنهنجي زال کي چيو "مان
ڪنهن ضروري ڪم سبب ٻاهر ٿو وڃان ٿوري
دير ڪانپوءِ برهمڻ ديوتا هتي ايندو. جيڪي
گهريئي سو کيس ڏجانءِ."

جوڙس وراڻيو "چڱو."

ٿوري وقت ڪانپوءِ برهمڻ آيو. مرچومل جي
استريءَ کانئس پڇيو، "مهراج! ڇا کائيندا."

برهمڻ وراڻيو" گيه، کنڊ اٽو وغيره سڀ کڻي
آءُ، مان پنهنجو ڀوڄن پاڻهي تيار ڪندس."

مرچومل جي استريءَ سڀ شيون آڻي حاضر
ڪيون. برهمڻ ديوتا ٻه سير حلوو ۽ ڪجهه
پوريون تيار ڪيون ۽ خوب ڪائي پيٽ ڀريائين.
مرچومل جي استريءَ پڇيو "مهراج! ٻيو به ڪي
ڀڄرجيو."

برهمڻ وراڻيو" اوهان گهڻي شرڌا سان ڀوڄن
ڪارايو آهي. ڀڳوان اوهانجو ڀلو ڪندو. باقي هڪ
سوني اشرفي ڏکڻا ڏي." مائيءَ کيس هڪ سوني
اشرفي ڏني.

برهمڻ سوني اشرفي وٺي سڌو گهر آيو. هو سوچڻ لڳو ته جڏهن مرچومل موٽندو تڏهن پوڇڻ جي باري ۾ ته ڪُٺي ڪجهه نه چوي پر اشرفيءَ جي ڳالهه بدي ضرور گوڙ مچائيندو. ان لاءِ اُپاءُ سوچڻ گهرجي. هن سموري ڳالهه پنهنجي زال کي ٻڌائي. جوڻس تمام هوشيار هوندي هئي. برهمڻ کي چيائين "تون اندر وڃي سمهي پئُه. مان پاڻهي مرچومل سان پڄنديس."

جڏهن مرچومل گهر موٽيو ۽ استريءَ کيس برهمڻ واري ڳالهه ٻڌائي تڏهن کيس ڏاڍي ڪاوڙ آئي هو ٻوڙندو ٻوڙندو برهمڻ جي گهر آيو. در وٽ برهمڻ جي زال ويٺي هئي. مرچومل کي ڏسي هوءَ روئي چوڻ لڳي "خبر ناهي منهنجي مڙس سان تنهنجي ڪهڙي دشمني هئي جو تو کيس کاڌي ۾ زهر وجهي ڏنو آهي. جنهن وقت کان هو کاڌو کائي هيڏانهن آيو آهي تنهن وقت کان بيهوش پيو آهي. بس هاڻي تون ڪيڏانهن وينديں. مان وڃي ٿي پوليس ۾ خبر ڏيان." ائين چئي هوءَ زور سان واڪا ڪرڻ لڳي.

ويچارو مرچومل آيو هو اشرفي وٺڻ پر هيءَ

ڳالهه ٻڌي سندس حوصلا ئي خطا ٿي ويا. برهمڻ جي زال جا واڪا ٻڌي ٿڙ ٿڙ ڪنبڻ لڳو. آخر همت رکي چوڻ لڳو "مونکي ايشور جو قسم آهي مون ڪيس ڪو به زهر ڪونه ڏنو آهي. ڏون مهرباني ڪري پوليس کي نه ٻڌاءِ. مان معافي ٿو گهران."

برهمڻ جي زال چيو "تو ڪم ته خراب ڪيو آهي پر خير مان لوڪي معاف ٿي ڪريان. هاڻي مونکي ڪجهه رپيا ڏي ته مان ڊاڪٽر کي گهرائي سندس دوا ڪرايان."

ويچارو مرچومل ڏوڙندو گهر ويو ۽ هڪ سو روپيا آڻي برهمڻ جي زال کي ڏنائين. روپيا وٺي برهمڻ جي زال ڏاڍي خوش ٿي.

ٻئي ڏينهن برهمڻ بستري تان اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ وڃي ڪم ڪار کي لڳو.

ڳوٺ جي ماڻهن کي جڏهن هيءَ خبر پيئي تڏهن ڪاڪي مرچومل کي "ڪاڪو ڪنجوس" چئي چيڙائڻ لڳا. اُنهي ڏينهن کان وٺي مرچومل ڪنجوسائيءَ جي عادت ئي ڇڏي ڏني.

---

# مورکہ ڪوري

فيروزپور ۾ هڪ بيوقوف ڪوري رهندو هو. هڪ دفعي هڪڙو جوتشي فيروزپور ۾ آيو. ڪئين ماڻهو ڪيس هٿ ڏيکارڻ ويندا هئا ۽ پنهنجي قسمت پڇندا هئا. ڀڳوان ڄاڻي تہ جوتشي ڪين سچ ٻڌائيندو هو يا ڪُوڙ. پر اُن هوندي بہ سندس ساراہ سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي ويئي.

جڏهن مورکہ ڪوريءَ کي جوتشيءَ جي خبر پيئي تڏهن هُو بہ ٻوڙي پنڊت وٽ آيو ۽ کيس ڪجهہ روپيہ ڏيئي ڪانئس پڇڻ لڳو "پنڊت! مهرباني ڪري ٻڌايو تہ مان ڪڏهن مرندس."

جوتشيءَ سندس هٿ ڏسي چيو "تنهنجي عمر بلڪل وڏي آهي."

ڪوري اُن ڳالهہ تي راضي نہ ٿيو ۽ چوڻ لڳو "پنڊتجي! توهين ڄاڻو تہ سڀڪجهہ ٿا. ان هوندي بہ مونکي مرڻ جو ڏينهن نٿا ٻڌايو. چڱو ڀلا مونکي پنهنجا پئسا واپس ڏيو."

پنڊت ڏٺو ته قاتل ککڙ ٿو هٿن مان وڃي ان لاءِ هو يڪدم منتر پڙهڻ لڳو ۽ ڪتاب کولي ڳرهه جاچڻ لڳو. آخر ڪوري کي چيائين "جنهن ڏينهن ڪنهن جي بدن مان ڳاڙهو ست نڪرندو، ان ڏينهن تون مرندين."

اها ڳالهه ٻڌي ڪوريءَ کي صبر آيو. هو ٻوڙي پنهنجي زال وٽ آيو ۽ کيس سمورو احوال ٻڌايائين. ڪوريءَ جي زال ڏاڍي سمجهدار هئي. مڙس جي ڳالهه ٻڌي هوءَ کلڻ لڳي.

ان ڳالهه کي ڪئين مهنا گذري ويا. ڪوري روز ست صفا ڪندو هو ۽ ڪپڙو اُڻندو هو. هڪ ڏينهن اتفاق سان ڳاڙهو ست صفا ڪندي، ٻه ٽي ڌاڳا سندس هٿن جي ننهن ۾ اٽڪي پيا جن جي کيس ڪل ئي ڪانه پيئي.

ٿوريءَ دير بعد ڪوري جهنگل ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويو. جڏهن وڻ تي چڙهيو تڏهن ڪهاڙي کڻي ڪاٺيون ڪپڻ لڳو. اوچتو سندس نظر وڃي ڳاڙهن ڌاڳن تي پيئي. ڪوريءَ سمجهيو ته شايد هيءَ ڌاڳا آڱرين مان نڪري رهيا آهن. کيس جوتشيءَ جي ڳالهه ياد آئي. هو سمجهڻ

لڳو ته پنهنجي ماءُ مري چڪو آهيان. ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري هُو وڻ ڪان هيٺ لٿو ۽ گهر واپس آيو. زال کي چوڻ لڳو " اڄ پڙهين ٿي، جو ڪئين چيو هو سو سچ نڪتو آهي. ماڻ مري چڪو آهيان. ڏس منهنجي آڱرين مان ڳاڙهي سٽ جا ڌاڳا نڪري رهيا آهن."

انهن ڇڙين مورکه کوري اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو ۽ پاڻ ڪيڻ لڳو. وري زال کي چوڻ لڳو " مونکي دکه فقط اهو آهي جو تون بيوه (ودوا) بڻجي چڪي آهين. هاڻي ته توکي اڪيلو رهڻو پوندو. جيڪا خدا جي مرضي. هاڻ جلد ڪر منهنجي دفن ۽ ڪفن جو بندوبست ڪر.

ڪوريءَ جي ڳالهه ٻڌي جو ٿس کلڻ لڳي ۽ سوچڻ لڳي ته جيئري ماڻهوءَ کي ڪئن پورجو؟ ڪيس ته خبر هئي ته منهنجو مڙس مورکه آهي سو ڪيس چوڻ لڳي "ميان تون مئو ڪونه آهين، اڃا ته جيئرو آهين." پر ڪرري ڪٿي ٿو قبول ڪري. هو چوڻ لڳو "مونکي ڪنهنجي ڳالهه تي اصل اعتبار ڪونهي. مهرباني ڪر. وڃ ۽ وڃي پاڙيوارن کي سڏي اچ ته مونکي دفن ڪن نه ته

منهنجو وڏو ڀلنس اڪري ويندو؟ ... 
زال ويچاري ڇا ڪري. هوءَ رڇي پاڙيوارن کي سڏي آئي. انهن ٻه ڪورڙيءَ کي ڪيترو سمجهايو پر ڪوري چوڻ لڳو "جلد ڪريو، هنثر رڌيڪ گهر ۾ رهڻ منهنجي لاءِ نيڪ ناهي. جلد مونکي دفن ڪريو"

آخر سڀني خيال ڪيو ته هلو ته ڪيس دفن ڪريون ۽ قبر ڪائين ۽ پنن سان ڍڪي ڇڏيون. جڏهن ٻکه لڳندس تڏهن پاڻيهي اٿي ايندو. اهو سوچي ڪيس ڪٺ تي کڻي قبرستان ڏانهن ويا ۽ ڪيس قبر ۾ وجهي قبر ڪائين ۽ ڪکن سان ڍڪي آيا جئن ساه کڻي سگهي. اهڙيءَ طرح مورکه ڪوري جيئري ئي قبر ۾ داخل ٿي ويو.

ڪيترا ڏينهن هوُ قبر ۾ پيو رهيو. هوُ سوچيندو هو ته ڇو اجا فرشتا ڪونه ٿا اچن؟ ڪيس ته اهائي اُميد هئي ته ضرور فرشتا ڪيس بهشت ۾ وٺي ويندا ۽ اتي هوُ خوب موجون ڪندو. پر موجن بدران ڪيس بکه ۽ اُڃ وياڪل ڪرڻ لڳي. پر هوُ قبر مان اصل نه نڪتو.

هڪ ڏينهن آڌي رات جي وقت ٻه چور

قبرستان مان اچي لنگهيا. اتفاق سان هڪ جو پير اُن قبر ڏي اچي ويو. ڪاٺيون ٽٽي پيئيون ۽ چور جي ٽنگ اندر هلي ويئي. ڪوريءَ کي جڏهن لت لڳي ته هن ٻنهي هٿن سان ڪٺي چور جي ٽنگ کي پڪڙيو. ڊپ جو ماريو چور ٽڙ ٽڙ ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي ساٿيءَ کي مدد لاءِ سڏ ڪيو. سندس ساٿي همت وارو هو هن کيس چيو "ٿورو زور لڳاءِ ته نڪري ايندين." چور زور لڳايو پر ڪوريءَ کيس اهڙو ته مضبوط جهليو هو جو چور ٽنگ ڇوري ڪين سگهيو. هاڻي ته چور کي پڪ ٿي ته ضرور ڪنهن جن ڀوت کيس پڪڙيو آهي. هن واڪو ڪري سنگتيءَ کي سڏ ڪيو. سندس ساٿي ڊوڙندو آيو.

ايتري ۾ قبر جي اندران ڪوري چوڻ لڳو "اي مردود! تو مڙدي جي مٿان پير ڏنو آهي ان لاءِ توکي ڪين ڇڏيندس." ويچاري چور جو ته ڄڻ گويا ساهه ئي نڪري ويو. پر سندس ساٿيءَ همت ٻڌي هڪدم ڪاٺيون پري ڪيون. ڇا ڏسي ته هڪڙو ماڻهو چور کي ٽنگ کان جهلي ويٺو آهي. چور واڪو ڪري چيو "تون ڪير آهين ۽ منهنجو پير ڇو پڪڙيو اٿئي."

ڪوريءَ وراڻيو ”مان ڪوري آهيان. ڪجهه ڏينهن اڳ مان مري ويس ۽ ماڻهن مون کي هتي پوري ڇڏيو آهي. هن مونکي لت هنئي آهي انهيءَ مان ڪين ماريندس.“

چور کيس چيو ”خبردار! هن جو پير ڇڏي ڏي نه ته ميهچالو ٿيهي رکندوسانءِ.“

ويچارو ڪوري ٻڄي ويو. هڪدم چور جو پير ڇڏي ڏنائين. پوءِ چور کي چوڻ لڳو ”چڱو ڀلا دوست! مانيءَ ٽڪرو نه کاراءِ.“ چورن وٽ ڀلا ماني ڪٿان آئي. سو کيس چوڻ لڳا ”ماني نه ڪانهي. پر اسان سان گڏ چوريءَ لئي هل ته تو کي خوب ڏيڍ ڪرايون.“

ڪوري ويچار ڪرڻ لڳو ته مئل ماڻهوءَ کي قبر مان اُٿڻ ته نه گهرجي. پر کيس بک ڏاڍي هئي انڪري لاچار ٿي چورن سان گڏ چوري ڪرڻ هليو.

ڀرواري ڳوٺ ۾ هڪ شاهوڪار جو گهر هو. چورن اُنجي گهر جي ڀت ڀڳي ۽ ڪوري کي چيائون ”تون اندر وڃ ۽ ڀيرين ڳُوريون ڳُوريون شيون ڪڍي اچ.“

ڀلا ڪوري هو مورک سو جهٽ هڪ ڳُورو جنڊ ڪڍي آيو. چورن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ چوڻ لڳس ”تون ته ڪو وڏو بيوقوف آهين. هاڻي وڃي هيرا جواهر ڪڍي اچ.“

ڪوري چيو "هيرا جواهر الائي ڪهڙا ٿيندا آهن؟"
چورن چيو "هيرا جواهر ڏاڍا چمڪندڙ ٿيندا آهن."
ڪوري اندر ويو ۽ هڪڙي چمڪندڙ آرسي ڪڍي چورن وٽ موٽي آيو. چورن جي غضي جي حد نه رهي ڪيس ٻڇو هڻي چوڻ لڳا "بيوقوف، هاڻي وڃي روپيه ڪڍي آءُ. سمجهيئه. ٽن ٽن مال."
ويچارو ڪوري نه اچا ڪياڙي مهتي رهيو هو. هن چڱيءَ طرح ٻڌو ئي ڪين. باقي ٽن ٽن سو ياد پيس. هو اندر گهڙيو. سامهون گهڙيال ڏٺائين جو ٽن ٽن ڪري رهيو هو. هن سمجهيو پس اهو ئي ٽن ٽن مال آهي. گهڙيال ڪڍي جئن ئي ڪوري ٻاهر نڪتو ٿي ته سندس هٿ اوچتو ڪل ڪي لڳي ويو ۽ گهڙيال زور سان گهنڊ ٽي وڄائڻ لڳو. گهر جا ڀاتي گهنڊ ٽيءَ جي آواز سان جاڳي پيا. ڪوري هڪدم لڪي ويٺو ۽ چور ڀڄي ويا.
گهر جي ڀاتين ڪيترو ئي ڳوليو پر ڪين ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪين آيو. آخر سڀ سمهي پيا. سڀني کي ننڊ ۾ ڏسي ڪوري اُٿيو ۽ ڪاڏي جو سامان ڳولڻ لڳو. آخر هن ڏٺو ته هڪ ڪمري ۾ چله جي مٿان چانور ۽ ديڳڙو رکيو آهي.
ڪوريءَ هڪدم ٻاه ٻاري ۽ ديڳڙو چله تي رکي

انهه جانور وڏائين. ٿوري دير ڪانپوءِ گهر جي ٻيڙي ڪونگهرا هڻڻ لڳي ۽ "ڪئون ڪئون" ڪرڻ لڳي.

ڪوريءَ سمجهيو ته ٻيڙي چوي ٿي ته "ڪائون ڪائون!" سو چوڻ لڳو "ٿورو ٽرس! اجا جانور پورا ڪونه رڌل آهن. ٽون خيال نه ڪر ٽوکي ڪارائيندس."

ٿوريءَ دير بعد ٻيڙي وري "ڪئون ڪئون" ڪرڻ لڳي. ڪوري واکو ڪري چوڻ لڳو "اصل ايتري ٽڪڙ! خيال نه ڪر مان سيئي جانور ڪونه کائي سگهندس. پهرين ضرور ٽوکي ڏيندس."

ائين چئي ڪوري زور سان جانور گهمائڻ لڳو. ايتري ۾ ٻيڙيءَ وري "ڪئون ڪئون" ڪئي. هاڻي ڪوريءَ جي غضي جي حد نه رهي سو چوڻ لڳو "مائي آهين ڪين هڇا، اصل صبر ڪونه ٿو اچئي. جڻ سڀ مان کائي ويندس. هاڻ وٺ."

ائين چئي ڪوريءَ ڪاوڙ مان گرم جانورن جي ڪيوي ٻيڙيءَ جي ٻوٽ ۾ ٺڪائي. ٻيڙي واکا ڪري اُٿي. سندس پٽ پوٽا اُٿي ڪڙا ٿيا. ڪوري هڪدم وڃي هڪڙي وڏي مٽ ۾ لڪو.

جانورن جو ديگڙو چلهه ٽي ڏسي سڀ وائڙا ٿي ويا. هڪڙي چيو "شايد جن ڀوت هتي رهن ٿا."

اهو ٻڌي ڪوري مٿ جي اندران چوڻ لڳو "هائو سچ آهي. مان ڪال ديوتا آهيان." ويچارا گهرجا ڀاتي ٻڌي ويا ته هيءَ آواز الائي ڪٿان آيو. آخر ٻڍڙيءَ همت رکي پڇيو "مهاراج! اوهانکي ڇا گهرجي؟"

ڪوريءَ ڪڙڪو ڪري چيو "تنهنجو ساه."

ويچاري ٻڍي ٿر ٿر ڪنبڻ لڳي. آخر همٿ جوڙي چوڻ لڳي "مهاراج! مون ڪهڙو پاپ ڪيو آهي؟"

ڪوريءَ چيو "تو دان ڪونه ڪيو آهي. هاڻي به وقت ڪين ويو آهي. هڪدم سؤ رپيا ۽ ٻيو سيڌو سامان وڃي درياءَ جي ڪناري تي رکي اچ ته مان توکي ڇڏي ڏيان."

اها ڳالهه ٻڌي ٻڍڙي پٽڻ سميت درياءَ تي سؤ رپيا ۽ سيڌو سامان رکڻ ويئي ته ڪوريءَ به سندن پٺ ورتي.

هوڏانهن ڪوريءَ جي زال جڏهن قبر ۾ پنهنجو مڙس نه ڏٺو تڏهن سمجهائين ته شايد ڪو جانور کيس کائي ويو آهي. اهو سوچي هوءَ روئندي روئندي گهر آئي. ايتري ۾ ڪوري به هڪ سؤ رپيا ۽ سيڌو سامان کڻي زال کي چوڻ لڳو "ڏس، منهنجي توسان ڪيتري نه پريت آهي جو مرڻ کانپوءِ به توکي رپيا ۽ مال پيو ڏيان."